هفتيوار رسالو:352
WEEKLY BOOKLET:352

شيخ طريقت امير اهل دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب
"فيضان نماز" جي هڪ قسط بنام



# خشوع ۽ خُضوع واري نماز

SINDHI

- ٻاھ لڳي وئي پر نماز ۾ مشغول رهيا!
- جنت واجب ٿيڻ جو مطلب
- نماز ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ جو مسئلو
- نگاهه جهڪائي رکڻ جو لاجواب طريقو


شيخ طريقت امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال
محمد الياس عطّار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: خُشوع ۽ خضوع واري نماز

ڇاپو پهريون: ذيقعد 1445 ھ امئي 2024ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جي مايه ناز تصنيف "فيضانِ نماز" مان ورتل مواد بنام

# خُشوعءِ خُضوع واري نماز

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي- جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو-

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست


خُشوع ۽ خُضوع واري نماز.......................................................................1
دعاءِعطار ...........................................................................................1
درود شريف جي فضيلت..........................................................................1
خشوع جي تعريف ..................................................................................2
نماز ۾ خشوع مستحب آهي........................................................................2
باه لڳي وئي پر نماز ۾ مشغول رهيا!..........................................................3
چار مختصر حڪايتون..............................................................................3
الله پاڪ اهڙي نماز جي طرف نظر ناهي فرمائيندو.........................................4
نماز ۾ لڙڪ وهندا رهندا............................................................................4
نماز ۾ ظاهري ۽ باطني خشوع ڪنهن کي چوندا آهن؟.....................................4
نماز ڪيئن هجڻ گهرجي............................................................................5
حضرت حاتِم اَصَم جي نماز جو انداز .........................................................5
جنت واجب ٿي ويندي آهي.........................................................................6
جنت واجب ٿيڻ جو مطلب..........................................................................7
خشوع سان نماز پڙهڻ گناهن جو ڪفارو.......................................................7
رڪوع مان مراد هتي پوري نماز آهي............................................................7
ڄاڻي واڻي گناه ڪرڻ................................................................................8
گناه جي تعريف ؟....................................................................................9
گناه صغيره تي اصرار جي معنيٰ.................................................................9
گناه کي حلال سمجهڻ ............................................................................10
(1).........پوءِ روئڻ لڳا (حڪايت)............................................................11

(2)هڪ شخص جهنم مان هڪ هزار سال بعد نڪرندو.................... 11
مامي جي انفرادي ڪوشش.................................................... 12
دورانِ نماز وچونءَ 40 ڏنگ هنيا (حڪايت)............................... 13
نماز ۾ اکيون بند نہ ڪريو....................................................... 13
نماز ۾ اکيون بند ڪرڻ يهودين جو طريقو آهي ............................ 14
اکيون بند ڪرڻ ڪڏهن بهتر هوندو آهي .................................... 14
نماز ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ جو مسئلو...................................... 14
اللہ کي جڻ ڏسي رهيا آهيو....................................................... 14
اي گناه ڪرڻ وارا خبردار! اللہ ڏسي رهيو آهي ............................ 15
اللہ آسمان مان ڏسي رهيو آهي چوڻ ڪيئن؟............................... 15
هزار حج کان بهتر عمل ........................................................... 16
اکين ۾ باه جي سرائي ڦيري ويندي ............................................ 17
اکين جي قفل مدينہ جو هڪ مدني نسخو...................................... 17
نگاه جهڪائي رکڻ جو لاجواب طريقو ......................................... 17
ڪير ڏسي تہ ناهي رهيو!.......................................................... 18

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ، وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ،

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# خُشوع ۽ خُضوع واري نماز

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪوبہ مڪمل رسالو ”خُشوع ۽ خُضوع واري نماز“ پڙهي يا ٻڌي وني اُن کي سجدن جون لذّتون عطا فرماءِ، ان جون تمام نمازون قبول ڪر ۽ اُن کي ٻنهي جهانن جون ڀلايون نصيب فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

قيامت جي ڏينهن ڪنهن مسلمان جي نيڪيون ميزان (يعني ساهمي) ۾ هلڪيون ٿي وينديون تہ گنهگارن جي شفاعت فرمائڻ وارا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ پرچو پاڻ وٽان ڪڍي نيڪين جي پڙ ۾ رکي ڇڏيندا، تہ ان سان نيڪين جو پڙ وزني ٿي ويندو. اهو عرض ڪندو: منهنجا والدين اوهان تي قربان! اوهان ڪير آهيو؟ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائيندا: ”مان تنهنجو نبي محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آهيان ۽ هي تنهنجو اهو درود آهي جيڪو تو مون تي موڪليو هو.“

(ڪتاب حسن الظن بالله مع موسوعہ ابن ابی الدنيا، 92/1، حديث:79 ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# خشوع جي تعريف

خشوع جي معنٰي آهي: ”دل جو فعل ۽ ظاهري عضوئن (يعني هٿن پيرن) جو عمل“ (تفسير كبير، ج8،ص259) دل جو فعل يعني الله پاڪ جي عظمت پيشِ نظر هجي، دنيا کان توجهه هٽيل هجي ۽ نماز ۾ دل لڳل هجي ۽ ظاهري عضوئن جو عمل يعني سڪون سان بيٺل رهي، هيڏانهن هوڏانهن نه ڏسي، پنهنجي جسم ۽ ڪپڙن سان نه کيڏي ۽ ڪو فضول ۽ بيڪار ڪم نه ڪري.

(ماخوذ ازتفسيرکبير،ج8،ص259،مدارک،ص751،صاوي،ج4،ص1356)

# نماز ۾ خشوع مستحب آهي

علامه بدر الدين عيني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نماز ۾ خشوع مستحب آهي. (عمدة القاري،ج4،ص391،تحت الحديث741) منهنجا آقا اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: نماز جو ڪمال، نماز جو نور، نماز جي خوبي فهم ۽ سوچ ويچار ۽ حضورِ قلب (يعني خشوع) تي آهي. (فتاوي رضويه،ج6،ص205) مطلب اهو ته اعلي درجي جي نماز اها آهي جيڪا خشوع سان ادا ڪئي وڃي. الله ڪريم سيپاري 18 سُوۡرَةُ الۡمُؤۡمِنُوۡن جي آيت نمبر 1 ۽ 2 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

قَدۡ اَفۡلَحَ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ ۙ﴿۱﴾ الَّذِیۡنَ ہُمۡ فِیۡ صَلَاتِہِمۡ خٰشِعُوۡنَ ۙ﴿۲﴾

ترجموڪنزالايمان: بيشڪ مراد کي پهتا ايمان وارا. جيڪي پنهنجي نماز ۾ عاجزي ۽ زاري ڪن ٿا.

”تفسير صراط الجنان“ جلد 6 صفحي 494 تي آهي: هن آيت ۾ ايمان وارن کي بشارت (يعني خوشخبري) ڏني وئي آهي ته بيشڪ اهي الله پاڪ جي فضل سان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ هميشه

لاءِ جنت ۾ داخل ٿي هر ناپسنديده شيءِ کان نجات ماڻيندا. (تفسيرکبير، ج8،ص258، روح البيان،ج6،ص66،ملتقطاً) وڌيڪ صفحي 496 تي آهي: ايمان وارا خشوع ۽ خضوع سان نماز ادا ڪندا آهن، ان وقت ان جي دلين ۾ الله ڪريم جو خوف هوندو آهي ۽ انهن جا عضوا بيٺل پُرسکون هوندا آهن.

## باھ لڳي وئي پر نماز ۾ مشغول رهيا!

تابعي بزرگ حضرت مُسلِم بِن يَسار رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه ايتري قدر توجھ سان نماز پڙهندا هئا جو پنهنجي چوڌاري جي ڪجھ بہ خبر نہ هوندي هئي. هڪ ڀيري نماز ۾ مشغول هئا تہ اوچتو سندس ويجهو باھ لڳي وئي پر ڪيس احساس تائين نہ ٿيو ايستائين جو باھ وسائي وئي. (الله ولوں کی باتیں،ج2،ص447)

## چار مختصر حڪايتون

**حڪايت** (1): صحابيہ اُمُّ المؤمنين، تمام مسلمانن جي پياري اَمّڙ سائڻ حضرت بيبي عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا فرمائن ٿيون: سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان سان ۽ اسان پاڻ سان گفتگو ڪري رهيا هوندا هئاسين پر جڏهن نماز جو وقت ٿيندو هو تہ (اسان ايئن ٿي ويندا هئاسين) جڻ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ اسان کي سڃاڻيندا هجن ۽ نہ اسان سندن کي سڃاڻيندا هجون. (احياءَ العلوم،ج1،ص205) **حڪايت**(2):امير المؤمنين حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ نماز ۾ ائين هوندا هئا جڻ زمين ۾ لڳل ڪِلّو آهن. حڪايت(3): ڪجھ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان رڪوع ۾ ايترا پُرسڪون هوندا ها جو انهن تي جهرڪيون ويهي

رهنديون هيون جڻ اهي جمادات (يعني بي ساهه شين) مان آهن.(احياءَ العلوم،ج1،ص228-229)حڪايت (4): ڪجهه صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن ماڻهو نماز واري هيئت (يعني ڪيفيت) تي اٿاريا ويندا يعني نماز ۾ جنهن کي جيترو اطمينان ۽ سڪون حاصل ٿيندو آهي انهيءِ مطابق ان جو حشر (اٿاريو وڃڻ) ٿيندو.
(ايضا،ج1،ص222)

## الله پاڪ اهڙي نماز جي طرف نظر ناهي فرمائيندو

الله پاڪ اهڙي نماز ڏانهن نظر ناهي فرمائيندو جنهن ۾ ٻانهو پنهنجي جسم سان گڏ دل کي حاضر نہ ڪري. (احياءَ العلوم (اردو)،ج1،ص470)

## نماز ۾ لڙڪ وهندا رهندا

حضرت سعيد تَنُوخِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جڏهن نماز پڙهندا هئا تہ (ايتري قدر روئيندا هئا جو) ڳلن تان ڏاڙهي تي مسلسل لڙڪ وهندا رهندا هئا.
(احياءَ العلوم (اردو)،ج1،ص470)

## نماز ۾ ظاهري ۽ باطني خشوع ڪنهن کي چوندا آهن؟

نماز ۾ خشوع ظاهري بہ هوندو آهي ۽ باطني بہ، ظاهري خشوع اهو آهي تہ نماز جي آداب جي مڪمل رعايت ڪئي وڃي مثال طور نگاهه نماز جي جاءِ کان ٻاهر نہ وڃي ۽ اکين جي پاسن سان ڪنهن طرف نہ نهاري، آسمان ڏانهن نظر نہ کڻي، ڪو فضول ۽ بيڪار ڪم نہ ڪري، ڪو ڪپڙو ڪلهن تي اهڙي طرح نہ لٽڪائي جو ان جا ٻئي ڪنارا لٽڪيل هجن (ها جيڪڏهن هڪ ڪنارو ٻئي ڪنڌ تي وجهي ڇڏيو ۽ ٻيو ڪنارو لٽڪي رهيو آهي تہ حرج ناهي)، آڱرن

مان نڪاءُ نہ ڪڍي ۽ اهڙي قسم جي حرڪتن کان رڪجي وڃي.
باطني خشوع اهو آهي تہ اللّٰه پاڪ جي عظمت اکين سامهون هجي،
دنيا کان توجهه هٽيل هجي ۽ نماز ۾ دل لڳل هجي.

(تفسيرصراط الجنان،ج6،ص496)

## نماز ڪيئن هجڻ گهرجي

دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 63 صفحن جي ڪتاب ”آدابِ دين“ جي صفحي 30 تي آهي: (نماز پڙهڻ واري کي گهرجي تہ) عاجزي ۽ خشوع ۽ خضوع واري ڪيفيت پيدا ڪري ۽ حضورِ قلب (يعني دل جي توجهه) سان نماز پڙهي، وسوسن کان بچڻ جي ڪوشش ڪري، ظاهري ۽ باطني طور تي توجهه سان نماز پڙهي، تمام عضوا پُر سڪون رکي، نگاهون هيٺ رکي، (قيام ۾) ساڄو هٿ کابي هٿ تي رکي، تلاوت ۾ غور و فڪر ڪري، ڏڄندي ۽ خوفزده ٿي تڪبير چوي، خشوع ۽ خضوع سان رڪوع ۽ سجدو ڪري، تعظيم ۽ توقير سان تسبيح (يعني سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْعَظِيْم، سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى) پڙهي ۽ تَشَهُّد اهڙي طرح پڙهي جيئن اللّٰه پاڪ کي ڏسي رهيو آهي، (رحمتِ خداوندي جي) اميد رکندي سلام ڦيري، هن خوف سان واپس ٿئي جو خبر ناهي منهنجي نماز قبول بہ ٿي آهي يا نہ! ۽ رضاءِ اِلٰهي طلب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. (آدابِ دين)

## حضرت حاتمِ اَصَم جي نماز جو انداز

حضرت حاتمِ اَصَم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان سندن نماز جي باري ۾ پڇيو ويو تہ فرمايائون: ”جڏهن نماز جو وقت ٿيندو آهي تہ مان پورو وضو

ڪندو آهيان، پوءِ نماز جي جڳهه اچي ويهي رهندو آهيان ايسيتائين جو منهنجي بدن جا سڀ عضوا (يعني بدن جا سمورا حصا) پُرسڪون ٿي ويندا آهن، پوءِ نماز لاءِ بيهندو آهيان ۽ ڪعبہ معظم کي پِنبڻين(Eyebrows) جي سامهون، پل صراط کي قدمن جي هيٺان، جنت کي ساڄي هٿ پاسي ۽ جهنم کي کابي هٿ پاسي، مَلَڪُ الْموت عَلَيْهِ السَّلَام کي پنهنجي پٺيان خيال ڪندو آهيان ۽ ان نماز کي پنهنجي آخري نماز سمجهندو آهيان. پوءِ اميد ۽ خوف واري ڪيفيت سان حقيقي طور تڪبيرِ تحريمه چوندو آهيان. قرآن ڪريم آهستہ آهستہ پڙهندو آهيان، رڪوع عاجزي سان ۽ سجدو خشوع سان ڪندو آهيان. کابو (Left) پير وڇائي ان تي ويهندو آهيان، ساڄو (Right) پير اُڀو ڪندو آهيان. خوب اخلاص سان ڪم وٺڻ جي باوجود اهوئي خوف رکندو آهيان تہ خبر ناهي منهنجي نماز قبول ٿيندي يا نہ!" (احياءُ العلوم،ج1،ص206) اَللّٰهُ رَبُّ الْعِزَّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## جنت واجب ٿي ويندي آهي

حضرت عُقبَہ بِن عامِر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا: مون الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيهي ڪري ماڻهن کي اهو ارشاد فرمائي رهيا هئا: "جيڪو مسلمان چڱي طرح وضو ڪري پوءِ ظاهر ۽ باطن جي اطمينان سان ٻہ رڪعتون ادا ڪري تہ ان لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي." (مسلم،ص118،حديث553)

## جنت واجب ٿيڻ جو مطلب

حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ حديثِ پاڪ جي هن حصي (جنت واجب ٿي ويندي آهي) جي باري ۾ فرمائن ٿا: ربِّ (ڪريم) جي فضل ۽ ڪرم سان هن طرح جو دنيا ۾ ان کي نيڪ عملن جي توفيق ملندي آهي، مرڻ وقت ايمان تي قائم رهندو آهي، قبر ۽ حشر ۾ آساني سان پاس ٿيندو آهي. حديث جو مطلب اهو ناهي تہ صرف وضو ڪرڻ ۽ تَحِيَّةُ الْوُضُو جا بہ نفل پڙهي وٺڻ سان جنتي ٿي ويو، (۽) هاڻي ڪنهن عمل جي ضرورت نہ رهي، (بلڪ) ان قسم جي حديثن جو اهو ئي مطلب هوندو آهي (جيڪو هاڻي بيان ٿيو) (مرأة المناجيح،ج1،ص236)

## خشوع سان نماز پڙهڻ گناهن جو ڪفارو

امير المؤمنين حضرت عثمان ابن عفان رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ بيان ڪن ٿا: مون اللّٰہ پاڪ جي پياري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي اهو فرمائيندي ٻڌو تہ جنهن مسلمان تي فرض نماز جو وقت اچي ۽ اهو چڱي طرح وضو ڪري خشوع سان نماز پڙهي ۽ صحيح طريقي سان رڪوع ڪري تہ اها نماز ان جي اڳوڻن گناهن جو ڪفارو ٿي ويندي آهي جيسيتائين اهو ڪو ڪبيره گناهہ نہ ڪري ۽ هي (يعني گناهن جي معافي جو سلسلو) هميشہ ئي هوندو آهي. (ڪنهن زماني سان خاص نہ آهي.) (مسلم،ص116،حديث543)

## رڪوع مان مراد هتي پوري نماز آهي

علامہ عبد الرؤف مُناوِي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان لکن ٿا: رڪوع مان مراد نماز جا تمام ارڪان آهن يعني هو نماز جا

سمورا رڪن سني طرح ۽ خشوع سان ادا ڪري ۽ سڀ رڪن چڱي طرح ادا ڪرڻ جو مطلب اهو هوندو آهي ته هر رڪن پوري طريقي تي (سنتن وغيره جو لحاظ ڪندي) ادا ڪيو وڃي. (وڌيڪ فرمائن ٿا:) نماز صغيره (يعني ننڍن) گناهن لاءِ ڪفارو ٿيندي، ڪبيره (يعني وڏن) گناهن لاءِ نه، چو ته ڪبيره گناهه نماز سان معاف ناهن ٿيندا (ڪبيره گناهن جي معافي جي لاءِ توبهه ۽ ان جا تقاضا پورا ڪرڻا پوندا) ۽ اهو مطلب نه آهي ته ننڍا گناهه صرف ان وقت معاف ٿيندا جڏهن وڏا گناهه نه هوندا (بلڪ وڏن گناهن جي موجودگي ۾ به ننڍا گناهه معاف ٿي ويندا، هي (يعني گناهن جي معافي جو سلسلو) هميشه ٿي هوندو آهي) يعني جيڪڏهن روزانو به ان کان (معاذالله) ننڍا گناهه واقع ٿيندا رهن ۽ اهو فرضَ پوري طرح ادا ڪري ته هر فرض پنهنجي کان پهرين جي ننڍن گناهن جو ڪفارو ٿي ويندو. (التيسير،ج2،ص358)

## ڄاڻي واڻي گناهه ڪرڻ

**اي معافي جا طلب گارو!** نماز سان ننڍا گناهه معاف ٿيڻ سان معاذالله ڪير اهو نه سمجهي ته ننڍا گناهه ڪندا رهو ۽ نماز پڙهندا رهو، معافي ملندي رهندي، ياد رکو! ننڍن گناهن کي صغيره (يعني ننڍو) سمجهي ڪري ڪرڻ سان اهو سخت ڪبيره گناهه بڻجي ويندو آهي ۽ صغيره گناهه کي هلڪو سمجهڻ ڪجهه صورتن ۾ ڪفر آهي. ان کي سمجهڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 692 صفحن جي ڪتاب ”ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب“ صفحي 385 کان 396 مان ڪجهه سوال جواب پڙهو ۽ خوفِ خدا کان ڏڪي وڃو!

## گناھ جي تعريف؟

**سوال:** گناھ جي ڇا تعريف آهي؟ پڻ صغيره ۽ ڪبيره گناھ ڪهڙا ڪهڙا آهن؟

**جواب:** صدرالافاضل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سيپاري 27 سورة النجم آيت نمبر 32 جي حصي (اَلَّذِيۡنَ يَجۡتَنِبُوۡنَ كَبٰٓئِرَ الۡاِثۡمِ وَ الۡفَوَاحِشَ) ”ترجمو ڪنزالايمان: اُهي جيڪي وڏن گناهن ۽ بي حيائن کان بچندا آهن“ جي حوالي سان فرمائن ٿا: گناھ اهو عمل آهي جنهن کي ڪرڻ وارو عذاب جو مستحق ٿئي ۽ ڪجهه علم وارن فرمايو تہ گناھ اهو آهي جنهن کي ڪرڻ وارو ثواب کان محروم ٿئي ڪجهه جو قول آهي: ناجائز ڪم ڪرڻ کي گناھ چئبو آهي. (خزائن العرفان،ص973) فَقِيهِ مِلّت، مفتي جلال الدين اَمجدي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”ڪنهن واجب جو هڪ ڀيرو ڇڏي ڏيڻ گناھ صغيره (يعني ننڍو گناھ) آهي شرط اهو تہ ڪو شرعي عذر نہ هجي. جيئن هڪ ڀيرو جماعت جو ڇڏي ڏيڻ يا هڪ ڀيرو ڏاڙهي ڪوڙائڻ وغيره. ۽ گناھ صغيره جي اصرار سان گناھ ڪبيره (يعني وڏو گناھ) ٿي ويندو آهي. شرڪ ۽ ڪفر ۽ هر حرام قطعي جو ڪرڻ گناھ ڪبيره آهي ۽ ڪنهن فرض قطعي جيئن نماز، روزو ۽ زڪوٰة وغيره جو ادا نہ ڪرڻ بہ گناھ ڪبيره آهي.“ وَ اللّٰهُ تَعَالٰى اَعۡلَم (فتاوي فيض الرسول،ج2،ص510)

## گناھ صغيره تي اصرار جي معنيٰ

**سوال:** ”گناھ صغيره اصرار سان گناھ ڪبيره ٿي ويندو آهي“ ان ۾ اصرار مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** ”اصرار“ جي معنيٰ آهي: مضبوط سان ٻَڌڻ، مضبوط ٿي وڃڻ، ڪنهن سان اهڙو وابسته ٿيڻ جو ان کان جدا نه ٿي سگهڻ. (تفسير نعيمي،ج4،ص193،ملخصاً) ”گناهه تي اصرار ڪرڻ“ جي معنيٰ جي باري ۾ مختلف قول آهن: حضرت علامہ شيخ عبد الحق محدث دهلوي رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ڪجهه عالمن سڳورن فرمايو ته: اصرار جي حد اها آهي ته گناهه کي ڪيئي ڀيرا ڪري ۽ دل ۾ بي خوفي محسوس ڪري. (اشعة للمعات،ج2،ص258) ”فتاوي شامي“ ۾ آهي: اصرار جي حد اها آهي ته اهو گناهه جي پرواهه ڪرڻ بغير ڪيئي ڀيرا صغيره (يعني ننڍي گناهه کي ڪري. (فتاوي شامي، ج3،ص520) جيڪو گناهه صغيره ڪيو هجي ان کان توبہ ڪرڻ سان ماڻهو اصرار کان ٻاهر نڪري ايندو آهي جيئن ته حضرت ابوبڪرصديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن شخص استغفار ڪيو ان پنهنجي گناهه تي اصرار نه ڪيو توڙي جو اهو ڏينهن ۾ 70 ڀيرا گناهه ڪري. (ابو داؤد،ج2،ص120،حديث1514) حڪيم الْاُمَّت، حضرت مفتي احمد يارخان رَحۡمَۃُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي باري ۾ فرمائن ٿا: (اهو شرط آهي ته) توبہ جي وقت گناهه کان پري رهڻ جو پورو ارادو هجي ۽ جيڪڏهن توبہ جي وقت ئي اهو خيال آهي ته گناهه ڪندو ئي رهندُس، ته اها توبهه نه آهي بلڪ (معاذ اللّٰه) اسلام جو مذاق آهي. (مرأة المناجيح،ج3،ص364)

## گناهه کي حلال سمجهڻ

**سوال:** گناهه کي حلال سمجهڻ ڪيئن؟

**جواب:** ڪنهن بہ صغيره يا ڪبيره (يعني ننڍي يا وڏي) گناهه کي حلال سمجهڻ ڪفر آهي جڏهن ته ان جو گناهه هئڻ دليل قطعي

(يعني آيتِ قرآني، يا حديثِ متواتر يا اجماعِ امت) مان ثابت هجي اهڙي طرح گناهه کي هلڪو سمجهڻ بہ ڪفر آهي. (مِنَحُ الرّوض،ص423)

اي الله پاڪ جي رحمت جا طلبگار اسلامي ڀائرو! ايمان جي حفاظت جو فڪر ڪريو! خدا نہ ڪري جو ڪفر تي خاتمو ٿي پيو تہ پوءِ برباد ٿي وينداسين. اسان جا بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم ايمان جي حفاظت جو تمام گهڻو فڪر رکندا هئا. تنهنڪري بہ حڪايتون ملاحظ فرمايو:

## (1)...........پوءِ روئڻ لڳا (حڪايت)

حضرت حَبيب عجمي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمايو: جنهن شخص جو خاتمو لَآ اِلٰهَ اِلَّا الله (ڪلمہ توحيد) تي ٿيندو آهي اهو جنت ۾ داخل ٿيندو آهي، پوءِ روئيندي فرمايائون: ڪير منهنجي لاءِ ضمانت (Guarantee) ڏئي ٿو تہ منهنجو خاتمو لَآ اِلٰهَ اِلَّا الله تي ٿيندو. (تنبيہ المغترِين،ص161)

## (2)هڪ شخص جهنم مان هڪ هزار سال بعد نڪرندو

حضرت حسن بَصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا: اسان وٽ هي ڳالهہ پهتي آهي تہ هڪ شخص هزار سال بعد جهنم مان نڪرندو. پوءِ فرمايو: ڪاش! اهو شخص مان هجان ها ڇوتہ جهنم کان ان جو نڪرڻ يقيني آهي. (يعني ان جو ايمان تي خاتمو ٿيڻ طئي آهي) حضرت شيخ عبدالوَهاب شَعراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اها حڪايت بيان ڪرڻ کان پوءِ فرمائن ٿا: اي ڀاءُ! پنهنجي نفس کي دنياوي ڪمن ۾ صرف شريعت جي ضرورت مطابق مصروف رک، ٿي سگهي ٿو تہ توکي

غفلت جي حالت ۾ موت اچي وڃي، ۽ ايئن توکي ٻنهي جهانن ۾ نقصان ڪٽڻو پوي. وَالْعِيَاذُ بِاللّٰہِ تعالٰی (تنبيه المغترين،ص161) (”ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب“ جو مضمون ختم ٿيو ڪٿي ڪٿي ٿورو فرق ڪيو ويو آهي.)

خدایا بُرے خاتمے سے بچانا　　پڑھوں کلمہ جب نکلے دَم نکلے

(وسائل بخشش (مرمم)ص- ۱۱۰)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مامي جي انفرادي ڪوشش

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جهنم جو خوف وڌائڻ ۽ پاڻ کي گناهن کان بچائڻ جو ذهن بنائڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ جي ديني ماحول سان هردم وابستہ رهو. اوهان جي ترغيب لاءِ هڪ ديني بهار پيش ڪجي ٿي. جيئن تہ فيصل آباد، پنجاب جي هڪ اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مشڪبار ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان ڏينهن ۽ رات گناهن ۾ گذاريندو هو، ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪرڻ، انهن جي دل ڏکائڻ، پاڙي وارن کي طرح طرح سان تنگ ڪرڻ، فلمون دراما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ ان جو محبوب مشغلو هو. بري دوستن جي صحبت ۾ رهڻ جي ڪري شراب، هيروئن ۽ مختلف نشن جو عادي ٿي چڪو هو. ان جي هن حرڪتن جي خبر جڏهن ان جي مامي کي پئي جيڪو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ هو. تہ اُن هن کي گهڻو سمجهايو ۽ وڏي محبت سان انفرادي ڪوشش ڪري ان کي دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت تي راضي ڪيو ۽ پاڻ سان گڏ اجتماع ۾ وٺي آيو. اجتماع جي اختتام تي ان کي هٿو

هت عاشقانِ رسول سان راهِ خدا جي سفر تي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ روانو ڪري ڇڏيو. عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان ان ٽن ڏينهن ۾ وضوء، غسل، نماز جو طريقو ۽ گهڻو ڪجهه سکڻ لاءِ مليو، ان کي پنهنجي گناهن تي شرمندگي ٿيڻ لڳي ۽ توبهه جي توفيق ملي وئي. اهو عاشقانِ رسول جي حسن اخلاق ۽ ملنساري سان بيحد متاثر ٿيو ۽ هتو هت 63 ڏينهن جي مدني تربيتي ڪورس جي لاءِ فيضانِ مدينه گجرات (پنجاب) روانو ٿي ويو.

بری صحبتوں سے کنارہ کشی کر کے اچھوں کے پاس آکے پا مدنی ماحول
(وسائل بخشش (مرمم) ص ۶۴۶)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دورانِ نماز وچون ۽ 40 ڏنگ هنيا (حڪايت)

حضرت عبدُالله بن مُبارَڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ننڍپڻ ۾ ڏٺل هڪ عبادت گذار خاتون مون کي چڱي طرح ياد آهي. نماز جي حالت ۾ وچون ۽ ان کي چاليهه (40) ڏنگ هنيا پر ان جي حالت ۾ ٿورو به فرق نه آيو. جڏهن اها نماز کان فارغ ٿي ته مون چيو: امان! هن وچون ۽ کي اوهان هٽايو ڇو نه؟ جواب ڏنائين: صاحبزاده! اڃان تون ٻار آهين، اهو ڪيئن مناسب هو! مان ته پنهنجي رب جي ڪم ۾ مصروف هُيَس، پنهنجو ڪم ڪيئن ڪريان هان؟ (ڪشف المحجوب، ص332)

## نماز ۾ اکيون بند نه ڪريو

حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا بيان ڪن ٿا ته رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏهن توهان مان ڪو نماز ۾ بيهي ته پنهنجون اکيون بند نه ڪري. (معجم ڪبير، ج. 11، ص. 29، حديث 10956)

## نماز ۾ اکيون بند ڪرڻ يهودين جو طريقو آهي

حضرت علامہ عبد الرؤف مُناوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: نماز ۾ بنا ڪنهن مجبوري جي اکيون بند رکڻ مکروهہ تنزيهي آهي ڇوتہ اهو يهودين جو فعل (يعني ڪم) آهي، البتہ خشوع ۾ اضافو ٿيندو هجي ۽ دل حاضر رهندو هجي تہ هاڻي اکيون بند ڪرڻ مڪروهہ نہ آهي. (فيض القدير،ج1،ص530،تحت الحديث785)

## اکيون بند ڪرڻ ڪڏهن بهتر هوندو آهي

بهارِ شريعت ۾ آهي: نماز ۾ اکيون بند رکڻ مکروهہ (تنزيهي) آهي، پر جڏهن ڪليل هئڻ جي ڪري خشوع نہ پيدا ٿيندو هجي تہ اکيون بند ڪرڻ ۾ حرج ناهي، بلڪ بهتر آهي. (بهارِ شريعت،ج1،ص634)

## نماز ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ جو مسئلو

نماز ۾ هيڏانهن هوڏانهن چهرو ڦيري ڏسڻ مڪروهہ تحريمي (ناجائز ۽ گناهہ) آهي، پورو چهرو ڦري ويو هجي يا ڪجهہ ۽ جيڪڏهن منهن نہ ڦيري، صرف ڏيڏين اکين سان هيڏانهن هوڏانهن بنا ضرورت جي ڏسي تہ ڪراهتِ تنزيهي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن صحيح مقصد سان هجي تہ بالڪل بہ حرج ناهي، (نماز ۾) نگاهہ آسمان جي طرف ڪڻڻ بہ مڪروهہ تحريمي (ناجائز ۽ گناهہ) آهي. (بهارِشريعت،ج1،ص626)

## اللّٰه کي ڇڻ ڏسي رهيا آهيو

بخاري شريف جي هڪ ڊگهي حديث ۾ اهو بہ آهي: حضرت جبريلِ اَمين عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بارگاهہ رسالت ۾ عرض ڪيو تہ ”احسان“ ڇا آهي؟

رسولِ ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو: اَنْ تَعْبُدَ اللهَ كَاَنَّكَ تَرَاهُ، فَاِنْ لَمْ تَكُنْ تَرَاهُ فَاِنَّهُ يَرَاكَ يعني (احسان اهو آهي تہ) الله پاڪ جي عبادت اهڙي طرح ڪريو جڻ (يعني جيئن تہ) توهان ان کي ڏسي رهيا آهيو جيڪڏهن اهو نہ ٿي سگهي تہ يقين رکو تہ اهو توهان کي ڏسي رهيو آهي. (بخاري،ج1،ص31،حديث50)

## اي گناهہ ڪرڻ وارا خبردار! الله ڏسي رهيو آهي

اي عاشقانِ نماز! عبادت ڪرڻ وارو اهڙي طرح عبادت ڪري جڻ اهو الله ربُّ العِزَّت کي ڏسي رهيو آهي. هي اَخصُّ الخواص يعني خاصن مان مخصوص بانهن جو مقام آهي. زهي قسمت! اسان کي بہ اهو مقام حاصل ٿي وڃي، نہ تہ اها بہ سعادت جي ڳالهہ آهي تہ نماز ۽ عبادت ۾ اهو تصور رهي تہ الله پاڪ ڏسي رهيو آهي! بلڪ ڪاش! هر وقت اهو ئي خيال رهي تہ بيشڪ الله ڏسي رهيو آهي! يقينًا الله ڏسي رهيو آهي! هر حال ۾ الله ڏسي رهيو آهي! اهڙي طرح اِنْ شَآءَاللّٰه گناهن کان بچڻ جو خوب سامان ٿيندو. سيپاري 4، سُوْرَةُ النِّسَآء جي پهرين آيت ۾ ارشار رباني آهي:

اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلَيْكُمْ رَقِيْبًا ﴿۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ الله هر وقت توهان کي ڏسي رهيو آهي.

## الله آسمان مان ڏسي رهيو آهي چوڻ ڪيئن؟

اي الله پاڪ کان ڊڄڻ وارؤ! اللّٰهُ ربُّ العِزَّت هر حال ۾ ڏسي رهيو آهي! اهو ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ الله ڪريم مڪان ۽ طرف (Direction) کان پاڪ آهي. ان سلسلي ۾ دعوتِ اسلامي جي مڪتبة

المدينہ جي 692 صفحن جي ڪتاب ”ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب“ صفحي 104 کان 109 تي آهي:

سوال: بدنگاهي ڪرڻ واري کي ڏيڄارڻ جي لاءِ اهو چئي سگهون ٿا يا نہ تہ الله ڪريم آسمان مان ڏسي رهيو آهي؟

جواب: نہ ٿا چئي سگهو، جو اهو ڪفريہ جملو آهي. ”فتاوٰي عالمگيري“ جلد 2 صفحو 259 تي آهي: الله پاڪ آسمان مان يا عرش مان ڏسي رهيو آهي“ ايئن چوڻ ڪفر آهي. (فتاوٰی ہندیہ، 259/2) ها بدنگاهي بلڪ ڪهڙو بہ گناهہ ڪرڻ واري کي اهو احساس ڏياريو وڃي تہ ”الله پاڪ ڏسي رهيو آهي“ جيئن تہ سيپاري 30 سُوۡرَةُ الۡعَلَق جي آيت 14 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اَلَمۡ يَعۡلَمۡ بِاَنَّ اللّٰهَ يَرٰى ﴿۱۴﴾

ترجموڪنزالايمان: ڇا نہ ڄاتائين تہ الله ڏسي رهيو آهي.

## هزار حج کان بهتر عمل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش! حقيقي معنيٰ ۾ اسان جي ذهن ۾ هر وقت اها ڳالهہ رهي تہ الله ڪريم ڏسي رهيو آهي جيڪڏهن واقعي اهو تصور سٺي طرح قائم ٿي وڃي تہ پوءِ گناهہ نہ ٿي سگهندا. حضرت امام ابو القاسم قُشَيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت حُصَرِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا: ”هڪ پيرو ويهڻ هزار حج کان بهتر آهي.“ هن هڪ پيرو ويهڻ مان مراد اهو ئي آهي تہ مڪمل توجهہ سان الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ پنهنجو پاڻ کي حاضر تصور ڪرڻ (تہ الله ڪريم مون کي ڏسي رهيو آهي.) (رسالہ قُشیریہ،ص321) اللّٰهُ رَبُّ الۡعِزَّت جي انهن تي رحمت هجي ۽

انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اکين ۾ باهه جي سرائي ڦيري ويندي

ڪاش! نگاهن جي حفاظت جي عادت بڻجي وڃي، يقينًا بدنگاهي جو عذاب برداشت نه ٿي سگهندو. علامه ابن جَوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: ”جنهن نامحرم کان اک جي حفاظت نه ڪئي قيامت جي ڏينهن ان جي اک ۾ باهه جي سرائي ڦيرائي ويندي.“ (بَحرُ الدُّمُوع،ص172)

## اکين جي قفل مدينه جو هڪ مدني نسخو

حضرت امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: حضرت جُنَيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڪنهن عرض ڪيو: ياسيدي! مان اکيون جهڪائي رکڻ جي عادت بڻائڻ چاهيان ٿو، ڪا اهڙي ڳالهه ارشاد فرمايو جنهن سان مدد حاصل ڪريان. فرمايو: اهو ذهن بڻائي رکو ته منهنجي نظر ڪنهن ٻئي کي ڏسي هن کان پهريان هڪ ڏسڻ وارو (يعني الله پاڪ) مون کي ڏسي رهيو آهي. (احياءَ العلوم،ج5،ص129)

اللهُ رَبُّ الْعِزَّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## نگاهه جهڪائي رکڻ جو لاجواب طريقو

بيان ڪيو ويو آهي ته حضرت حَسّان بِن اَبُو سِنان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نمازِ عيد لاءِ ويا. جڏهن واپس گهر تشريف کڻي آيا ته سندن اهليه (يعني زال) چوڻ لڳي: اڄ توهان ڪيتريون عورتون ڏٺيون؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خاموش رهيا، جڏهن ان وڌيڪ اصرار ڪيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: گهر کان

نڪرڻ ڪان وني، تون وٽ واپس اچڻ تائين مان پنهنجن (پيرن جي) آڱوٺن ڏانهن ڏسندو رهيس. (ڪتابُ الوَرَع مع موسوعہ امام ابن ابي الدنيا،ج1،ص205)
سُبۡحٰنَ الله! الله واري جو بنا ضرورت خاص طور رش جي موقعي تي هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ کان اهڙي طرح بچڻ مرحبا! (يعني ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو) شرعًا جنهن جي اجازت نہ هجي ان تي نظر پئجي وڃي! (گذريل نيڪ ٻانهن جي هڪ نشاني بيان ڪندي) حضرت داؤد طائي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: نيڪ ماڻهو فضول هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ کي ناپسند ڪندا هئا. (پويون حوالو،ص204) اَللّٰهُ رَبُّ الۡعِزَّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪير ڏسي تہ ناهي رهيو!

حضرت فَرۡقَد سَبَخِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: منافق جڏهن ڏسندو آهي تہ ان کي ڪو (ماڻهو) ناهي ڏسي رهيو تہ اهو گناهہ ڪري ويندو آهي. افسوس! جو اهو هن ڳالهہ جو تہ خيال رکندو آهي تہ ماڻهو ان کي نہ ڏسن پر الله ڪريم ڏسي رهيو آهي هن ڳالهہ جو لحاظ ناهي ڪندو. (احياءُ العلوم،ج5،ص130)

چھپ کے لوگوں سے کئے جس کے گناہ
وہ خبر دار ہے کیا ہونا ہے

ارے او مجرم بے پرواہ دیکھ
سر پہ تلوار ہے کیا ہونا ہے

(حدائق بخشش شريف، ص ۱۶۷)

## ايندڙ هفتي جو رسالو




978-969-722-657-3
01082494

فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net